Human Rights Commission of Pakistan



# جبري پورهئي جو سرشتو ۽
# ان سان لاڳاپيل مسئلن تي هڪ نظر

## ايڪٽ 1992

## عوامي جائزو

FRIEDRICH NAUMANN FOUNDATION For Freedom.
Pakistan

Human Rights Commission
of Pakistan

# جبري پورهئي جو سرشتوءِ
# ان سان لاڳاپيل مسئلن تي هڪ نظر

## ايڪٽ 1992

## عوامي جائزو

FRIEDRICH NAUMANN
FOUNDATION For Freedom.
Pakistan

انساني حقن جو پاڪستان ڪميشن
2019
سمورا حق محفوظ آهن. هن شايع ٿيل دستاويز جو ڪوبہ حصو اِهو ڇاڻائيندي تہ اِهو ڪٿان ڪنيو ويو آهي، ٻيهر استعمال ڪري سگهجي ٿو.

پهريو ڇاپو ڊسمبر 2019

انهيءَ ڳالھ کي يقيني بنائڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ هن لکڻيءَ جو مواد درست هجي. انساني حقن جو پاڪستان ڪميشن ڪنهن غير ارادي غلطيءَ جي ذميواري نٿو کڻي. هن دستاويز ۾ بيان ڪيل ويچار لازمي طور تي فريڊرڪ نومان فائونڊيشن جا ويچار ناهن.

انساني حقن جو پاڪستان ڪميشن
ايوانِ جمهور
107- ٽيپو بلاڪ، نيو گارڊن ٽائون
لاهور54600
ٽيليفون: 3586 5969 ,3586 4994 ,3583 8341 42 92+
فيڪس: 3588 3582 42 92+
اِي ميل: hrcp@hrcp-web.org
ويب سائيٽ: www.hrcp-web.org

# فهرست


تعارف 3

جبري پورهيو (خاتمو) ايڪٽ 4

رٿا جو مقصد، طريقيڪار 8

پورهيتن جي حقن حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽن جو موضوع وار بيان 10

- پورهئي واري ڪاتي جا مسئلا:
  نگراني، عملدرآمد ۽ دستاويزسازيءَ جي اڻهوند 10
- ٻارن کان ڪم ڪار وٺڻ ۽ جنسي استحصال 11
- حڪومتي نگراني ۽ ڇڪاس جي اڻهوند 15
- گهٽ ۾ گهٽ اُجوري جي معيار تي عملدرآمد جي اڻهوند 15
- سماجي تحفظ وارا ڪارڊ نہ هئڻ 18
- ڪم ڪار وارين جاين تي محفوظ ماحول جي اڻهوند 20

سفارشون 22

ضميمو: جبري پورهئي وارو سرشتو (خاتمو) ايڪٽ 1992 24

## تعارف

جبري پورهيو استحصال جي هڪ بدترين شڪل آهي. اِهو انتهائي معمولي يا مقرر نہ ڪيل محنتاڻي تي ضرورتمند پورهيتن کي روزگار سان لڳائي ٿو ۽ پنهنجي بقا لاءِ آجرن تي سندن انحصار کي استعمال ڪندي نہ رڳو کين ۽ سندن ڪٽنبن کي مناسب اُجوري کان محروم ڪيو ٿو وڃي پر سندن اچ وڃ جي آزادي ۽ پنهنجي گذران لاءِ ڪمائيءَ جا ٻيا ذريعا ڳولهڻ کي پڻ نپوڙيو ٿو وڃي. هيءُ هڪ هڙو اٽڪُت چرخو آهي، جيڪو سمورين لاڳاپيل ڌرين کان ڳري قيمت وصولي ٿو. اِهو پورهيتن کان ماڻهپو کسي ٿو. سندس ڪٽنب جي هر ڀاتيءَ جي زندگيءَ جو مُلهہ ٿو گهٽائي، جنهن دوران ٻار بدترين شڪار ٿا بڻجن. آجرن کي قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جو موقعو ٿو فراهم ڪري ۽ معيشت جي چيلهہ ٿو ڀڃي ڪري. جيتوڻيڪ پاڪستان جبري پورهئي جي خاتمي لاءِ ڪاوشون ڪيون آهن ۽ رياست اهڙي عمل جي خاتمي تي ويساهہ بہ رکي ٿي پر مامرو جيئن پوءِ تيئن وڌ آهي، ڪنهن حد تائين ان جو سبب جبري پورهيو (ترميمي) ايڪٽ 1992ع ۾ 2016ع واري ترميم آهي، جيڪا پيشگي سرشتي کي بحال ٿي ڪري ۽ پيشگيءَ جي ادائيگي نہ ڪري سگهڻ واري صورت ۾ پورهيتن جي غلامن هاڻي حيثيت ۽ سندن وڪري ۽ واپار وڻج لاءِ عملي جواز ٿي پيش ڪري.

## پورهيت حق پورهيت قانون سان ٺهڪاءُ

- پاڪستان جو آئين پورهيت حقن جي حوالي سان ڪيترين ئي شقن ٿو شامل ڪري، جيڪي ٻئي ڀاڱي "ٻنيادي حق ۽ پاليسيءَ جا اُصول"[1] ۾ موجود آهن.
- آئين جي ٻارهين شق غلامي، جبري پورهئي ۽ ٻارن جي پورهئي جي سمورين شڪلين جي جهل ٿي ڪري.
- شق 17 تنظيم سازيءَ جي آزادي ۽ يونينون جوڙڻ لاءِ ٻنيادي حق ٿي فراهم ڪري.

1. www.riabarkergillette.com

- شق 18 پنهنجي شهرين کي ڪنهن بہ قانوني پيشي يا ڪرت ۾ داخل ٿيڻ ۽ ڪوبہ قانوني واپار وڻج ڪرڻ جو حق ٿي ڏئي.
- شق 25 قانون آڏو برابريءَ وارو حق ۽ رڳو جنس جي بنياد تي مت ڀيد جي جهل ٿي آڇي.
- شق (e) 37 ڪم ڪار جي شفاف ۽ انسانيت ڀري حالتن جي فراهمي ڪندي ٻارن ۽ عورتن کي سندن ڄمار ۽ جنس لاءِ غيرمناسب ڪم ڪارين ۾ نہ لڳائڻ ۽ ملازمت دوران عورتن لاءِ ويم جي سهولتن \ لاڀن جي خاطري ٿي ڪري.

بهرصورت، جبري پورهئي خلاف آئيني ضمانتون قانون جوڙڻ ۽ اثرائتي عمل درآمد وارو وهنوار قائم ڪرڻ کانسواءِ عملي صورت اختيار نٿيون ڪري سگهن. ان ڏس ۾ پهريون قدم جبري پورهئي جي سرشتي (خاتمي) وارو ايڪٽ هو.

## جبري پورهيو (خاتمو) ايڪٽ

جبري پورهئي جي سرشتي (خاتمي) وارو ايڪٽ 1992 ۾ پارليامينٽ طرفان منظور ڪيو ويو ۽ اِهو ساڳي سال 17 مارچ تي عمل هيٺ آيو. اُن ڏينهن تي سڄي پاڪستان ۾ جبري پورهئي جو سرشتوختم ٿي ويو. ان ۾ قاٿل هر پورهيت آزاد ٿي ويو ۽ جبري پورهيو ڪرڻ واري ڪنهن بہ ذميواريءَ کان آجو ٿي ويو. (سيڪشن (1) 4)

ساڳي ڏينهن تي:

- هر فرد کي جبري پورهئي واري سرشتي تحت ڪا پيشگي ڏيڻ يا ڪنهن کي جبري پورهئي يا زوري پورهئي جي ٻين شڪلين کان جهليو ويو. (سيڪشن (2) 4)
- سمورا رواج، روايتون، عمل ۽ سمورا معاهدا،ناهہ يا ٻيا شرط شروط، جڏهن بہ ٺياهجن، جن تحت ڪنهن فرد يا سندس ڪنهن ڪٽنب ڀاتيءَ کي جبري پورهئي تحت ڪم ڪرڻو هو غيرموثر ۽ غيرعمل ٿي چڪا آهن (سيڪشن 5)

- زوري بڻايل پورهيتن جي خلاف ڪابہ ادائيگيءَ جوڳي ڪابہ جبري ادائيگي ختم ليکي ويندي (سيڪشن (1)6)
- جبري قرض جي وصوليءَ لاءِ ڪابہ ڪورٽ يا ڪو ٽربيونل يا ڪا ٻي اختياريءَ طرفان ڪو قانوني مقدمو يا ڪا ڪارروائي نہ ڪندا (سيڪشن (2) 6) ۽ ايڪٽ لاڳو ٿيڻ کان اڳ جاري ڪيل ڪو حڪم يا منظور ڪيل ڪو حڪم جيڪو تڏهن مڪمل طور تي اطمينان جوڳو نہ ليکيو ويو هوندو سو مڪمل طور تي اطمينان جوڳو ليکيو ويندو (سيڪشن (3) 6)
- ڪيترائي اُپاءَ عمل هيٺ آيا، جيڪي ڪنهن جبري پورهيت کان طاقت جي زور تي کسيل يا وڪري يا گروي يا ڳنڍڻ لاءِ ڪانئس حاصل ڪيل ڪنهن ملڪيت جي بحاليءَ لاءِ هئا (سيڪشن (4) 6) کان (7) 6)
- ڪوبہ شخص جيڪو ڪنهن کي بہ جبري پورهيو ڪرڻ تي مجبور ٿو ڪري يا ڪنهن بہ روپ يا آڌار تي، جبري پورهئي واري سرشتي تحت جبري پورهيو ٿو حاصل ڪري تہ اهڙو فرد ٻن کان پنجن سالن جي ٽيپ يا پنجاهہ هزار روپيا ڏنڊ يا ٻنهي سزائن جو واجب بڻبو. جبري پورهيت جي ملڪيت نوي ڏينهن اندر بحال ڪرڻ ۾ ناڪامي پڻ قيد ۽ / يا ڏنڊ جي سزا لائق هوندي.
- قانون تي عمل درآمد لاءِ گهربل سمورا اختيار ۽ فرض صوبائي حڪومتون ضلعي حڪومتن کي سونپينديون. چونڊيل عيوضين ۽ عملدارن کان آزاد ٿيل جبري پورهيتن جي معاشي حقن کي ترويج ڏيندي سندن ڀلائيءَ لاءِ پٽوڙڻ جي توقع ڪئي وئي تہ جيئن هو ٻيهر جبري قرض جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي نہ پون.
- ضلعي حڪومتن ۾ ٻين مقرر ٿيل عملدارن کيِ اهوچاڻڻ جو پابند بڻايو ويو تہ سندن حدن اندر ڪو فرد جبري پورهيت طور ڪم تہ نہ پيو ڪري ۽ جيڪڏهن جبري پورهئي واري سرشتي جي ڪا ثابتي ملي ٿي تہ ان ڏس ۾ ڪي قدم کڻڻ سندن فرض هو. جيڪي ايڪٽ تي عمل درآمد لاءِ ضروري هجن.

## جبري پورهيو (خاتمو) ايڪٽ سان لاڳاپيل مسئلا

جيتوڻيڪ پنجاب حڪومت 2012ع ۾ معمولي ترميمن سان جبري پورهيو (خاتمو) ايڪٽ اختيار ڪيو پر ٻين سمورن قانونن ڪان بالاتر، جنوري 2016ع واري صوبائي آرڊيننس پيشگيءَ وارو سرشتو بحال ڪيو ۽ ان جي حد ”هڪ اُجوري واري عرصي لاءِ ڪنهن پورهيت جي ڇهوڻ تي اُجورو پوءِ پل سندس اُجورو وقت جي آڌار تي آهي ته هڪ مهيني اندر ڪمايل اُجورو يا جيڪڏهن سندس اُجورو في ڪس جي بنياد تي آهي“، انهيءَ شق جي نتيجي ۾ پئدا ٿيندڙ مونجهاري کي هاڻ پيشگيءَ جي حد پنجاهه هزار روپيا مقرر ڪري ٿاريو ويو آهي. اِها رقم سپريم ڪورٽ طرفان ”مخصوص معاملن ۾“ مقرر ڪيل حد کان گهٽ متي آهي ۽ قرضيءَ کي جبري پورهئي ڏانهن ڌڪي سگهي ٿي.

محترم آءِ اي رحمان موجب، جبري پورهئي واري سرشتي (خاتمو) جي ايڪٽ ۾ پيشگيءَ جي ڊار واري انهيءَ پستي پڌير شق سان واضح طور تي ٺهڪاءُ ۾ اچڻ جي ناممڪنات ڪانسواءِ، ”قانون جوڙيندڙن 1988ع کان 1992ع تائين هلندڙ انهيءَ سموري بحث مباحثي کي نظرانداز ڪيو آهي، جيڪو پيشگيءَ واري رقم کي پورهيتن جي ذمي لڳائڻ لاءِ ڏهاڪن تائين ٿيندڙ هٿ چراند، ۽ پيشگيءَ واري رقم موٽائي نه سگهڻ جي صورت ۾ پورهيتن جي غلامن هاڻي حيثيت ۽ سندن وڪري کي باجواز بنائڻ جي حوالي سان هو.“ [2]

پيشگي سرشتي جي بحاليءَ سان، پورهئي جي استحصال ۽ جبري قرض وارو مسئلو ٻيهر نروار ٿي سامهون آيو آهي. سڄي پاڪستان ۾ پورهيتن سان ڪيل ايچ آر سي پي جي تيرهن فوڪس گروپ بحث مباحثن ۾ اِهو واضح ٿيو ته زميندارن طرفان ڏني ويندڙ پيشگي ڪين پنهنجي طاقت جي استعمال ۽ سياستدانن ۽ پوليس سان پنهنجي

2 I A Rehman. “A Flawed Child Labour Law”. DAWN. 9/8/2016. https://epaper.dawn.com/DetailImage.php?StoryImage=08_09_2016_008_002

سماجي ناتن مان لاپ پرائڻ جو موقعو ٿي فراهم ڪري، جنهن ذريعي هو پورهيتن کي جبر ۾ انتهائي دٻاءُ هيٺ ٿا رکن. هڪ ٻيو اڻٽر مامرو دوکي تي آڌاريل حساب ڪتاب جو آهي، جيڪو قرض جي ادائيگين جو حساب ڪتاب رکندڙن کي ان ۾ ڳاتي ٿوڙ اضافا ڪندي پورهيتن کي لاڳيتو جبري پورهئي جو شڪار ٿو بڻائي.

جنوري 2016ع واري آرڊيننس سان گڏ، هڪ واضح مامرو عمل درآمد جو آهي. جيتوڻيڪ ايڪٽ تحت ضلعي چوڪسي ڪميٽيون جوڙيون ويون آهن پر زميندارن ۾ آجرن جي نگراني سدائين نه هئڻ جوڳي رهي آهي ۾ ٻارن جي پورهئي، پورهيتن کي تاخير سان يا گهٽ اُجورو ۾ ڪم ڪار جون ڪوجهيون حالتون لاڳيتو برقرار ٿيون رهن.



فوڪس گروپ بحث مباحثا ميرپورخاص

## رٿا جو هدف

هيءَ رٿا انساني حقن جي پاڪستان ڪميشن ۽ آزاديءَ واسطي فريڊرڪ نومن فائونڊيشن جي هڪ گڏيل ڪاوش آهي. هن رٿا جو مقصد انهن سفارشن کي دستاويزي روپ ڏيڻ آهي، جيڪي جبري پورهئي ۽ انساني واپار وٽج کي ختم ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ مقامي پورهيت حالتن ۾ بهتريءَ جو سبب بڻجي سگهن. هڪ اهم پهلو انهن شعبن سان لاڳاپيل موجود قانونسازيءَ جو جائزو وٺڻ ۽ ڳَڻ لڳائڻ ته آيا انهن تي ڪارائتو عملدرآمد ٿي به رهيو آهي يا نه، آهي.



ملتان ۾ مشاورت



لاهور ۾ مشاورت دوران شريڪ ٿيندڙ

## طريقيڪار

پورهيت حقن جي هاڻوڪي صورتحال جو پتو لڳائڻ لاءِ، سڄي ملڪ ۾ واسطيدارن سان ست صلاح مشورا ۽ پورهيتن سان تيرهن فوڪس گروپ بحث مباحثن جو انتظام ڪيو ويو.

واسطيدارن سان لهه وچڙ جو مقصد / هدف جبري پورهئي، گهريلو پورهئي، ٻارن جي پورهئي، انساني واپار وڻج ۽ جبري وهانءُ سميت جديد غلاميءَ جي مختلف شڪلين سان منهن ڏيندڙ قانونن جي نوعيت ۽ دائري بابت شريڪ ٿيندڙن جي ادراڪ ۾ اضافو آڻڻ هو. پاڪستان ۾ جبري پورهيتن جي هاڻوڪي حالتن ۽ لاڳاپيل ڪاتن جي ڪمن ڪارين ۾ رڪاوٽون پيدا ڪندڙ مامرن تي بحث ڪيو ويو ۽ انهن مان سفارشون جوڙيون ويون. واسطيدارن سان لهه وچڙ ۾ لاڳاپيل سرڪاري ڪاتن خاص طور تي ٺاهن تي عمل درآمد وارن سيلن جا عيوضي، ضلعي چوڪسي ڪميٽين جا ميمبر، وڪيل، انساني حقن جا ڪارڪن ۽ صحافي ۽ گڏوگڏ سماجي ڀلائيءَ وارا آفيسر انهن ۾ شريڪ هئا.

فوڪس گروپ بحث مباحثا (FDGs) هر صوبي جي مختلف ضلعن ۾ ڪرايا ويا. مقصد پورهيتن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ۽ سندن هاڻوڪا مامرا سمجهڻ هو. اِهي فوڪس گروپ بحث مباحثا گلگت، حيدرآباد، ميرپورخاص، ڪوئيٽا، ٿر، اوڪاڙا، دره آدم خيل، ڪوهاٽ، ڪراچي، ملتان، فيصل آباد، چنيوٽ، لاهور ۽ سکر ۾ ڪوٺايا ويا ۽ ايچ آر سي پي جي ٽيم هر شعبي ۾ هر قسم جي پورهيتن سان غيررسمي ۽ غيرڊانچي وار انٽرويو ڪندي سندن مامرا درج ڪيا.




ڪراچي مشاورت

## رپورٽنگ جا موضوعاتي شعبا

## ليبر ڪاتي جا مامرا: نگراني، عملدرآمد يا دستاويزي ريڪارڊ نہ هئڻ

ڪنهن اثرائتي ضابطا ـ جوڙ صورتحال جي غيرموجودگيءَ، گڏوگڏ افرادي قوت جي ست وڏائڻ ويجهائڻ واري ڪا ڊگهي عرصي واري حڪمت عملي تيار ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ پورهيتن جي استحصال ۾ واڌ جي راهہ هموار ڪئي آهي. تعليم جي گهٽ شرح ان ۾ پاڱي پائيوار رهي آهي، ڇاڪاڻ جو ملازم پورهيت حقن، عمل درآمد ۽ ڪم ڪار جي جاءِ تي گهٽ اُجوري بابت سجاڳي ۽ ڄاڻ جي اڻهوند سبب پيچيدگين جو اطلاع نٿا ڪن. ساڳئي وقت، ليبر ڪاتو ڇڪاسون نٿو ڪري تہ جيئن ڏسي سگهي تہ آيا تحفظ وارا معيار فراهم ڪيا ويا آهن يا نہ، آيا اِهي اثرائتي انداز ۾ ڪم ڪري رهيا آهن يا نہ يا ٻارن جي پورهئي جهڙيون بدعنوانيون هلندڙ تہ ناهن.

- **<u>ڪنهن معاهدي جي اڻهوند:</u>** شريڪ ٿيندڙن پڇا ڪرڻ تي ٻُڌايو تہ کين پنهنجي پرتيءَ واري وقت کان ڪڏهن بہ رسمي لکت وارو معاهدو فراهم نہ ڪيو ويو آهي. مثال جي طور تي، گلگت بلتستان ۾ ليار ڦل چونڊيندڙ وقار جو چوڻ هو تہ، ”گهڻي پاڱي پورهيت زباني طور تي پرتي ٿيل آهن. اسان کي بہ علائقي جي ٻين پورهيتن وانگر زباني ڳالهہ ٻولهہ ذريعي پرتي ڪيو ويو. لکت وارن معاهدن جو اُصول صرف سرڪاري کاتن ۾ لاڳو ٿئي ٿو. خانگي شعبي ۾، خاص طور تي جڏهن اوهين مُند جي لحاظ کان ڪم ڪندڙ هجو، اوهانکي ڪنهن بہ لکت واري معاهدي تحت روزگار تي نہ رکيو ويندو.“ سِرن جي ڀٽن



فيصل آباد مشاورت

تي، روزگار جي معاهدن جو ڪو تصور ئي ناهي. مينيجر پيشگيءَ وارا ڪاتا سنڀالين ٿا ۽ ڪنهن بہ پورهيت کي تفصيل پڇڻ جو حق حاصل ناهي. نتيجي طور پيشگي وڌندي ٿي رهي ۽ ”اسين نسل در نسل انهن حالتن ۾ ڪم ڪرڻ جا پابند آهيون، ڇاڪاڻ جو اسين ڪڏهن بہ پنهنجا قرض چُڪتا ڪري نہ سگهندا آهيون.“ چنيوٽ ۾ بٺي تي ڪم ڪندڙ هڪ پورهيت جو چوڻ هو. بحثن دوران ڪوئلي جي پورهيتن موجب، سندن ۽ آجرن وچ ۾ ڪوبہ جوڳو لکت وارو معاهدو نہ هو ۽ زباني طور ئي سندن روزگار جي تصديق ٿي ڪئي ويجي. ان ڪري، ڪمپنيءَ جا مالڪ ڪنهن بہ وقت ڪوبہ سبب ڄاڻائي پورهيتن کي ڪم تان جواب ڏئي پئي سگهيا. اِهو معاهدو رهائش، حادثن جي صورت ۾ علاج معالجي، ڪاٽين ۾ ڪم ڪارلاءِ گهربل بنيادي ضرورتن جي فراهمي وغيره لاءِ عمل پذير ٿيڻو آهي. پورهيتن کي ڪاڏي پيتي جو خرچ پڪو پنهنجي سر ٿو ڪرڻو پوي. ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪندڙ رحيم خان جو چوڻ هو تہ ”ڪم ڪار تان فارغ ڪرڻ جا وڏا سبب چوري چڪاري ۽ ڪاهلي آهن. ڪنهن پورهيت جي گذاري وڃڻ تي، سندس ڪٽنب کي روڪ رقم جي صورت ۾ ازالو نٿو ڏنو وڃي. حڪومت ۽ مالڪن موت جي صورت ۾ ترتيبوار پنج لک ۽ ٽن لکن روپين جو پيڪيج منظور ڪيو آهي، اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ پورهيت کي اِهو پيڪيج نہ مليو آهي.“ فيصل آباد ۾ سِرن جي بٺنجي پورهيت يونين جي جنرل سيڪريٽري پورهيت جو چوڻ هو تہ هو جيڪڏهن مالڪن يا انتظاميا طرفان ڪنهن ناانصافيءَ خلاف ڪورٽ ۾ وڃڻ بہ چاهين تہ اِهو ملازمت جي ڪنهن ثبوت کانسواءِ سندن لاءِ ناممڪن ٿو هجي. اِهو مامرو فطري طور تي هڪ وڏي مامري سان ڳنڍيل آهي، جيڪو جديد غلاميءَ جو مظهر آهي، يعني سماجي تحفظ ۽ قومي سڃاڻپ ڪاردن جي فراهميءَ ۾ ناڪامي، جنهن تي ايندڙ ڀاڱيءَ ۾ تفصيل تي ويچاريو ويو آهي.

- **ٻارن جو پورهيو ۽ جنسي استحصال:** پاڪستان جي ٻارن جي پورهئي جي بدترين شڪلين واري عهدنامي 1999 سان ٺهڪاءُ/عمل درآمد جي مامري کي بہ جانچڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ جو هڪ



حيدرآباد  مشاورت

ظالماڻو وهنوار، جيڪو ڪنهن روڪ ٽوڪ ڪانسواءِ جاري آهي ۽ جنهن کي سامهون آڻڻ جي ضرورت آهي، سو آهي هاڃيڪار صورتحال ۾ ٻارن جو پورهيو. اڪثر پيشگي سندن واسطي ناقابلِ عبور بار بڻجيو وڃي. ان ڪري، انهيءَ قرض کي چُڪائڻ واسطي، والدين پنهنجن ٻارن کي سِرون ٺاهڻ لاءِ اُماڻين ٿا ته جيئن هو قرضن جي ادائيگيءَ لاءِ پئسا ڏوڪڙ جوڙي سگهن. چنيوٽ ۾ هڪ ڀٽي جي پورهيت بوتا موجب ”والدين جون سنگين حالتون کين پنهنجي مرضيءَ سان ٻارن کي اُماڻڻ تي مجبور ٿيون ڪن،جيڪي ڀٽي مالڪن جي هٿن ۾ گروي بڻجيو وڃن.“ پورهيت طور ٻارن جو وڏو تعداد خاطري ٿو ڪرائي ته زرعي بنيادن واري معاشري ۾ وڌيڪ پئداوار حاصل ڪرڻ واسطي وڌيڪ پورهيت هٿ ميسر آهن. ڏهن ۽ ٻارن ورهين جا ٻار سِرن جي ڀٽن تي ڪم ٿا ڪن، جڏهن ته چنيوٽ ۾ سندن همعصر عمارتن ۽ رستن جي اڏاوت ۾ پورهيت طور ڪم ڪندي پڻ ڏٺا ويا آهن. هڪ مشاورت دوران شريڪ ٿيندڙن ٻڌايو ته ڀٽن جا مالڪ پورهيتن جي ٻارن کي اسڪول وڃڻ جي اجازت نٿا ڏين، ڇاڪاڻ جو هو سندن واسطي سستا پورهيت آهن. ”جيڪڏهن مفت دوا درمل، رهڻ لاءِ جاءِ

۽ مفت تعليم فراهم ڪئي وڃي ته ٻار مدرسا ڇڏي اسڪولن ۾ داخلا وٺندا. اِهو به پروڙيو ويو ته ڪنهن ساڳئي گهراڻي جي ٻن يا ٽن فردن جي ڪم ڪار ڪرڻ ۽ جوڳي رقم ڪمائڻ جي باوجود هو پنهنجي ٻارن کان ڪم ڪار ڪرائي رهيا هئا. ڇڻن پورهيتن پنهنجي پيشگيءَ جي ادائيگيءَ لاءِ پنهنجون ٻُڪيون وڪرو ڪيون. سندن ٻُڪين جي وڪري جو انتظام پڻ ڀٽي جي مالڪن ڪيو. اِهو واضح آهي ته والدين غربت جي اٽڪُٽ سلسلي سبب استحصالي نظام جا شڪار آهن.“ ننڍين فيڪٽرين ۽ گهرن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن ۽ ٻارن جي اندراج جي اٿهوند، انهن پورهيتن جي معاشي ۽ جنسي استحصال جو موقعو ٿي فراهم ڪري. ”نه اسان جا ٻار ۽ نه ئي وري اسين پاڻ اهڙي ماحول ۾ تعليم پرائي سگهون ٿا.“ هڪ خاتون شريڪ ٿيندڙ جو چوڻ هو. وڪيل ۽ تربيت ڪار ذوالفقار قريشيءَ ڄاڻايو ته ٻارن جي پورهئي وارا ڪيترائي مامرا مقامي سُڌ سماءُ جي ذريعن بدران عالمي سُڌ سماءُ جي ذريعن وسيلي سامهون ٿا اچن. ”انهيءَ مامري کي جيئرو رکڻ لاءِ اسان کي مقامي ۽ قومي سطح تي جوڳي تشهير جي ضرورت آهي.“ سندس چوڻ هو. ايڇ آر سي پي جي تربيت ڪار مس طاهره حبيب موجب، ”مالڪ يا ٺيڪيدار کان ورتل پيشگيءَ سبب پورهيت ڪيڏانهن اچڻ وڃڻ کان قاصر هجن ٿا.“ اهڙين حالتن ۾ لاهور جي هڪ پورهيت طلعت موجب، ”والدين ۽ سندن ٻار سڄي حياتي نماڻائيءَ ۾ رهڻ تي مجبور آهن، ڇاڪاڻ جو اِهي اباڻا ٻار قرضن ۾ جڪڙيل والدين وٽ ڄاول آهن.“ ان ريت، والدين پاڻ به غربت جي هڪ اٽڪُٽ چرخي جو شڪار بڻيل آهن.

جيتوڻيڪ ڪجهه ماڻهو فٽ بال سِبڻ جهڙي هاڃيڪار نه هئڻ جهڙن ٻارن جي پورهئي جي حق ۾ آهن پر ٻيا پائنئين ٿا ته پنهنجي سئوٽ سان گڏجي کير وٺڻ لاءِ ويل ڏهن ورهين جي زينب جو ڏهه ڏينهن کانپوءِ مليل لاش ظاهر ٿو ڪري ته ٻار ڏوهاري عنصرن جو سٽيو شڪار آهن ۽ ان ڪري کين تحفظ ڀريو ماحول ملڻ گهرجي. چنيوٽ ۾ هڪ سِرن جي ڀٽي تي ڪم ڪندڙ سعيد جو چوڻ آهي ته ”فٽ بال سِبڻ يا ڪنهن ڇانهن خاني ۾ ڪم ڪرڻ يا ڪنهن ورڪشاپ ۾ ڪو هلڪو ڦلڪو ڪم

ڪرڻ هاجيڪار ڪمن ۾ نٿا اچن ۽ ان ڪري ٻارن جي پورهئي ۾ اهڙين ڪِرتن ڪي همٿائڻ گهرجي.“ ٻئي پاسي خيبرپختون خواه ۾ فوڪس گروپ بحث جي هڪ شريڪ ٽيندڙ غفور خان جو چوڻ هو تہ، ”ڪاٽين ۾ ٻارن جي پورهئي تي قانون تحت سخت جهل آهي ۽ اُتي روزگار قومي سجاٽپ ڪارڊ جي بنياد تي ڏنو ويندو آهي. ان ڪري، جيتوٽيڪ ٻار ڪاٽين کان ٻاهر ٿانوَ ڍوئڻ، رڌ پچاءُ ڪرڻ ۽ جنريٽر جي سار سنڀال جهڙا معمولي ڪم تہ ڪن ٿا پر کين ڪاٽين اندر پير ڏَرڻ جي اجازت ناهي.“ گلگت بلتستان ۾، شريڪ ٽيندڙن کان پڇيو ويو تہ ڇا ليار ڦل چونڊڻ ۾ ٻہ ٻار شامل هوندا آهن تہ افتخار نالي هڪ شريڪ ٽيندڙ وراڻيو تہ، ”ها، اسان وٽ پورهيت ٻار آهن، جن جون ڄمارون ستن کان پندرهن ورهيہ هجن ٿيون. گلگت بلتستان ۾ ورڪشاپن، شاپنگ سينٽرن ۾ پڻ نابالغ سخت پورهيو ڪن ٿا. هو روزانو ڏهن کان ٻارهن ڪلاڪ ڪم ٿا ڪن ۽ پنهنجي ڪم جو انتهائي معمولي معاوضو ٿا ماڻين. سندن والدين انتهائي غريب آهن ۽ ان ڪري هو پنهنجن ٻارن ڪي ڪم تي اُماڻڻ لاءِ مجبور آهن.“ هڪ پورهيت يونس ڄاڻايو تہ، ”ڪنهن پورهيت ٻار ۾ ڪنهن بالغ مرد يا عورت جيتري جسماني سگهہ نہ هوندي آهي ۽ ڪيترن ئي مثالن مان اِهو سامهون آيو آهي تہ ٻار هاجيڪار ڪم ڪرڻ جي نتيجي ۾ جسماني طور تي جهُريو پون. مثال جي طور تي، قالين اُڻڻ واري ڪم رُڌل ٻارن ڪي آخرڪار دم يا سهڪو وڪوڙي ٿو وجي. ان ڪري، ٻارن جو پورهيو غلاميءَ جي بدترين شڪل آهي.“ ملتان جي ڀٽي تي ڪم ڪندڙ هڪ ماءُ جو ڳوڙهن ڀرين اکين سان چوڻ هو تہ، ”پنهنجي ٻارن ڪي پاڻ سان گڏ ڪم تي لڳائڻ اسان جو ڪو رضا خوشيءَ وارو فيصلو ناهي. آئون بيمار آهيان ۽ منهنجو مڙس روزانو اڪيلي سِر پندرنهن سئو سِرون نٿو ناهي سگهي. منهنجون ڌيئرون روزاني وارو ڳاٽيتو پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيءُ سان گڏ ڪم ٿيون ڪن.“

- **سرڪاري جانچ پڙتال يا نظرداريءَ جي اڻهوند:** سماجي انصاف ۾ عورتن جي حقن جي ڪارڪن فوزيا وقار ٻڌايو ته، ”ڪم ڪار جي حالتن ۾ شرطن جي نگرانيءَ لاءِ پورهيت جانچ پڙتال بنيادي آهي. ان مان جند ڇڏرائڻ بدران ان کي سگهارو ڪرڻ جي ضرورت آهي.“ سرڪاري جانچ پڙتال ۾ گهوٽيون پورهيتن جي استحصال جهڙن ڪُڌن عملن جي جاري رهڻ جو بنيادي سبب آهن. ”گلگت بلتستان ۾ ڪنهن به سرڪاري کاتي جو ڪوبه عملدار اسان جي ڪم ڪار واري جاءِ جي معائني لاءِ نٿو اچي. اسان جي خيال ۾ گلگت بلتستان ۾ اهڙي ڪنهن اداري جو وجود ئي ناهي. اِهو جيڪڏهن آهي ته پڪ سان بي عمل آهي.“ گلگت ۾ ليار ڦل چونڊيندڙ هڪ پورهيت جو چوڻ هو. چنيوٽ ۾ هڪ پورهيت رحيم چيو ته، ”هيءَ ملڪ مسلمان ملڪ طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو پر هتي ٿيندڙ ظلم دوزخ کان به مٿانهان آهن. فيڪٽري مالڪ پنهنجن ادارن ۾ جانچ پڙتال جي اجازت نٿا ڏين ۽ ان مقصد واسطي هو انسپيڪٽرن کي رشوت ٿا ڏين، جيڪي سندن فيڪٽرين جي جانچ پڙتال نٿا ڪن، پوءِ انهن جو ڪهڙو فائدو يا اِهو ڪيئن تعين ٿيندو ته آيا پورهيتن وٽ سماجي تحفظ وارا ڪارڊ آهن يا نه؟“ سِرن جي ڀٽن جي هڪ پورهيت بشير جو چوڻ هو ته، ”جنهن ڏينهن ڪنهن سِرن جي ڀٽي تي جانچ پڙتال ڪئي ٿي وڃي، اِن ڏينهن اڳواٽ اطلاع تي ٻارن کي سِرن جي ڀٽن کان پرپرو ٿو رکيو وڃي.“ هڪ ٻئي پورهيت عارف ڳالهه کي اڳتي وڌايو ته، ”ڪڏهن ڪڏهن، جانچ پڙتال ٿيڻ جي امڪان تي ٻارن کي سِرن جي ڀٽن جي مالڪن جي ڪمرن ۾ واڙيو ويندو آهي.“

## گهٽ ۾ گهٽ اُجرت واري معيار تي عمل درآمد نه ٿيڻ

جوکم جي شڪار گروپن جي حقن سان لاڳاپيل هاٽوڪن ايڪشن کان ڪن ٿار قانونسازيءَ واري ڍانچي ۾ ضابطا جوڙيندڙ / لاڳو ڪندڙ

ادارن وٽ اختيارن کان اٿھوند جو نتيجو آھي. پيشگي ھڪ اھڙو ھر ھر سامھون ايندڙ مامرو آھي، جنھن جي ھاڻ قانوني طور تي اجازت ڏني وئي آھي. پاڪستان ۾ گھٽ ۾ گھٽ اُجرت ٻارنھن سئو روپيا مقرر ٿيل آھي، پر عورتن جي اڪثريت جي پنھنجي اُجرت تائين رسائي ٻـ ناھي، چاڪاڻ جو سندن ڪٽنبن جا مرد ياتيِ اِھي سڌو سنئون ٺيڪيدارن کان وٺي ٿا وجن، ڏکوئجندي ھڪ عورت شريڪ ڪار جو چوڻ ھو تہ، ”پورھيتن جو استحصال پيشگيءَ جي نالي تي جاري ٿو رھي. تعليم جي اٿھوند سبب، ٻئي جي پورھيتن کي پتو ئي ناھي تہ ھنن مختلف موقعن تي ٻئي مالڪن کان ڪيتري ماليت جو قرض ورتو آھي. قرض وٺڻ جا اڪثر موقعا ٻار جي ڄمر، ڪنھن ڪٽنب ياتيءَ جي بيماري يا ڪٽنب ۾ ڪا شادي وغيره ھجن ٿا. اِھي قرض وڌندا ٿا رھن، تان جو ان حدتي ٿا وڃيو رسن جو انھن جي واپسي ممڪن نٿي رھي. سِرن جي ڀٽن جي ھڪ پورھيت عرفان جو چوڻ ھو تہ، ”ٻارنھن سئو روپيا روز گھٽ ۾ گھٽ مقرر ٿيل اُجرت آھي پر اسان کي ڪڏھن ٻـ ڇھہ سئو روپين کان وڌيڪ نٿا ڏنا وڃن، چاڪاڻ جو ٻئي مالڪن جو چوڻ ھوندو آھي تہ پيشگي قرض سبب ھو کين ان کان وڌيڪ رقم نٿا ڏئي سگھن.“ پورھيت پيڙائن کي واضح ڪندي لاھور ۾ ايچ آر سي پي جي ڪوٺايل ھڪ مشاورت ۾ ھڪ وڪيل ڄاڻايو تہ، ”استحصال جو دائرو مناسب اُجوري کان نابري وارڻ کان گھٽو اڳتي ٿو وڃي. ان ڪري ضلعي چوڪسي ڪميٽين جي ميمبر شھري جبري پورھئي ايڪٽ سان ٺھڪاءُ ۾ نہ ايندڙ ڪنھن ٻـ عمل جو سندن ڌيان تي ايندي شرط اطلاع / رپورٽ ڪرڻ جي خاطري ڪن.“ ساڳي مشاورت جي ھڪ ٻئي شريڪ ڪار خالد محمود ڄاڻايو تہ، ”پنجاب لاءِ صوبائي چوڪسي ڪميٽيءَ ھن سال شروع ٿيندڙ پنھنجي مُدي کان رڳو ھڪ گڏجاڻي ئي ڪئي آھي.“ ان ڪانسواءِ، ٻانڊيڊ ليبر لبريشن فرنٽ جي مھر صفدر پورھيت ڪاتي سان گڏجي جانچ پڙتال ۾

ڪٿ وارو هڪ سرشتو جوڙڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي ضلعي چوڪسي ڪميٽين جي ميمبرن جي مامري تي وڌيڪ سرگرم ٿيڻ جي ڳالهه ونديءَ.

گلگت بلتستان ۾ ايچ آر سي پي جي ٽيم سان هڪ ڳالهه ٻولهه ۾ جڏهن پورهيتن کان پڇيو ويو ته ڇا هو پنهنجي ڪم ڪار جي حالتن مان مطمئن آهن ته سندن ورندي هئي، ”نه. اسين پنهنجي ڪم ڪار جي حالتن مان مطمئن ناهيون. اسان جو عيوضو وڌايو وڃي ۽ ڪم ڪار جا ڪلاڪ گهٽايا وڃن. رياست طرفان اسان جي زندگين ۾ بهتريءَ لاءِ ڪي ڪوششون ٿيڻ گهرجن ته جيئن اسين پنهنجي ڪمائيءَ مان پنهنجا خرچ پڪا ڪري سگهون ۽ ڪا عزت ڀري زندگي گهاري سگهون. ”هڪ پورهيت سلمان وراڻيو ته، ”ان جو دارومدار اسان جي ڪم ڪار جي نوعيت تي آهي. مثال جي طور تي، سبزيءَ وارين ٻنين ۾، اسان کي في ڪلو سبزيون پٽڻ جو معاوضو ٿو ملي. ان ڪري اسين وڌ کان وڌ وقت ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. عام طور تي اسين ٻن شفٽن ۾ ڪم ڪندا آهيون، هڪ صبح سوير ۽ ٻيهر شام جو. اسين گهٽ ۾ گهٽ اٺ ڪلاڪ ٻنين ۾ ڪم ڪندا آهيون.“ پورهيت ڪاتي جي نااهليءَ سبب پيدا ٿيندڙ ڏکيائين جي اُپٽار ڪندي ڪاٺين جي هڪ پورهيت افسر خان جو چوڻ هو ته، ”ڪوئلي جي ڪاٺين جي پورهيتن کي مقرر ٿيل پگهار نٿو ملي ۽ هو ٺيڪي جي بنياد تي ڪم ٿا ڪن. ڪوئلي جي ڪاٺين جو پورهيت في ٽن پنج هزار روپيا وٺي ٿو. ان ڪري هر پورهيت ٽيهن کان پنجويهه هزار ماهوار ڪمائي ٿو ۽ وِرلي ئي اِها ڪمائي ستر هزار کان هڪ لک روپين تائين وڃي ٿي. ٻئي پاسي، مالڪ لکين روپيا ٿا ڪمائين پر هو بنيادي اوزار ۽ سهولتون به فراهم نٿا ڪن، جيڪي ڪاٺين جي پورهيتن جي حفاظت لاءِ لازمي آهن.“ هڪ ٻئي شريڪ ٿيندڙ حامد خان پنهنجو مشاهدو ونديو ته، ”خيبر پختون خواه جي ڀيٽ ۾، بلوچستان جي ڪوئلي

جي ڪاٽين جا پورهيت ڪيترائي لاپ پرائين ٿا. مثال جي طور تي، سندن پنهنجون ايسوسيئيشنون آهن ۽ ضرورت پوڻ تي اڳواٽ رقمن سان گڏوگڏ پنهنجن ٻارن لاءِ اسڪالرشپون پڻ ماڻين ٿا.“

## سماجي تحفظ وارن ڪارڊن جي اڻهوند

هيل تائين، پورهيتن وٽ نه سجاٽپ ڪارڊ آهن ۽ نه ئي وري سماجي تحفظ وارا ڪارڊ. جيتوڻيڪ سماجي تحفظ وارا ڪارڊ ڏاهڻ سِرن جي ڀٽي مالڪن ۽ فيڪٽري مالڪن جي ذميواري آهن. جڏهن ته انهن تي عمل درآمد جو جائزو وٺڻ رياست جو ڪم آهي. سپريم ڪورٽ جي وڪيل ۽ ايچ آر سي پي جي تربيت ڪار اسد جمال جو چوڻ آهي ته 1935 وارن پورهيت قانونن موجب، ڪنهن صنعتي پورهيت کي پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ سماجي تحفظ وارو ڪارڊ گهربل هوندو آهي. ملتان ۾ ايچ آر سي پي جي مشاورت ۾ هڪ تحقيقڪار ۽ سماجي ڪارڪن جو چوڻ هو ته، ”آئين جي شق 125 تحت، تعليم ٻارن لاءِ لازمي اهي ۽ ان ڪري ٻارن جي تعليم پرائڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ سهولتون فراهم ڪرڻ رياست جو فرض آهي. ذميواريءَ جي ٻئي سطح سندن والدين ۽ ان کانپوءِ سِرن جي ڀٽي مالڪن جي ان ڏس ۾ ذميواري تي ٻڌجي. سماجي تحفظ وارن ڪارڊن جي اڻهوند سبب ٻارن جي اسڪالرشپن تائين رسائي ناهي، جن جا هو حقدار هجن ٿا. ان سان گڏوگڏ، پرچي سرشتو جنهن تحت ڪو پورهيت هڪ ڀٽي مالڪ کان ٻئي تائين اهڙي پرچيءَ سوڌو وڃي ٿو ته مٿس هيتري رقم جو قرض آهي، اصل ۾ ڪنهن جبري پورهئي جي شڪار پورهيت جي وڪري جو هڪ انداز آهي، جيڪو سلسلو اڃان تائين هلندڙ آهي.“ فيصل آباد ۾ ڪوناپل فوڪس گروپ بحث جي هڪ شريڪ ٿيندڙ يوسف جو چوڻ هو ته، ”سِرن جي ڀٽي جي ڪنهن پورهيت وٽ سماجي تحفظ وارو ڪارڊ هئڻ يا نه هئڻ بابت چڪاسڻ ڀٽي مالڪ جي ذميواري آهي، ان ڪري سماجي تحفظ وارا ڪارڊ اهڙين بدعنواني خلاف ڪو حقيقي بند نٿا ٻڌن.“ ڪنهن سماجي تحفظ جي اڻهوند ڪنهن جبري پورهئي جي شڪار

پورهيت جي بيروزگار ٿيڻ مهل پيانڪ روپ ٿي اختيار ڪري، بيروزگار ٿيڻ تي پنهنجنا خرچ پڪا پورا ڪرڻ اسان لاءِ انتهائي ڏکيو ٿي ٿو وڃي. ان عرصي دوران عام واهپي واريون شيون دڪاندارن کان اوڌر تي ڪڻڻ تي مجبور ٿا هجون.“

بانديڊ ليبر لبريشن فرنٽ جي ايڪزيڪيوٽو ميمبر مهر صفدرجاڻايو تہ مذهبي متڀيد پڻ چوٽ چڙهيل آهي. سندس موجب، ”پاڪستان ۾ پنجويهہ هزار سِرن جا ڀٺا آهن، جن مان پندرهن هزار پنجاب ۾ آهن، جن ۾ جبري پورهئي جي شڪار ٿيندڙسٽ کان اڳي سيڪڙو پورهيتن جو تعلق اقليتي برادرين سان آهي ۽ سندن ڏاڍ جو سبب رڳو غريب هئڻ نہ پر سندن مذهبي اقليتي برادريءَ سان تعلق رکڻ ڪري بہ آهي.“ هُن سماجي تحفظ وارن ڪارڊن جي اٿهوند ڪي وڏن مسئلن مان هڪ ڄاڻايو. جيڪو پورهيتن جي استحصال ۽ متڀيد جي راهہ ٿو هموار ڪري، هُن چيو تہ جيڪڏهن رياست سمورن پورهيتن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اُجرت ۽ سماجي تحفظ وارن ڪارڊن کي يقيني بڻائي تہ پوءِ ڪين علاج معالجي جي خرچن، شادي مرادي ۽ فوتگيءَ وغيره جهڙن خرچن جو جهلو ٿي سگهي ٿو. ان صورت ۾ ئي هو پنهنجي آجرن کان گهٽ پيشگي رقمون حاصل ڪندا ۽ ان ريت ئي پيشگيءَ واري ڏچي مان جان ڇڏائي سگهجي ٿي.

ايڇ آر سي پي جي مس طاهرا حبيب ملتان ۾ فوڪس گروپ بحث ڪرائيندي واضح ڪيو تہ پورهيتن لاءِ قومي سڃاڻپ ڪارڊ جي لازمي هئڻ واري شرط جي خاطري ڪندي ٻارن جي پورهئي کي ڪاميابيءَ سان گهٽائي/ محدود ڪري سگهجي ٿو. هڪ ٻيو مامرو جيڪو سامهون آندو ويو سو پورهيتن طرفان پنهنجي تعليم نہ پرايل هئڻ جو هو. سندن چوڻ هو تہ ڪين اِهو پتو بہ نہ هوندو آهي تہ سندن اُجورو ڪيترو آهي ۽ آيا هو طئي ٿيل، اُجورو وصول بہ ڪري رهيا آهن يا نہ. اِهو ان ڪري ٿو ٿئي جو سمورين ادائيگين جا

معاملا مينيجر ٽا ڪن ۾ پورهيتن کان رڳو ڪاغذ تي آڱوٺا ٽا هڻائين ۾ ڪين سندن معاهدي جا تفصيل ٻُڌائڻ کان نابري ٽا وارين.

## ڪم ڪار جون حالتون

ڪم ڪار جي حالتن ۾ مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ ڇا ڪجهه گهربل آهي، واري سوال جي ورنديءَ ۾ آدم مسيح وراڻيو ته ”رياست اسان جي قرضن جي ادائيگيءَ ۾ اسان جي واهر ڪري.“ سندن اِهو به خيال هو ته حڪومت ڪين رقمون ڏئي ته جيئن هو پنهنجا ننڍا ڪاروبار شروع ڪري سگهن. ايڇ آر سي پي جي سينيئر مينيجر مس طاهرا حبيب چيو ته، ”قانون جي حڪمرانيءَ ۾ وِٿيون پرڻ لاَءِ هڪ مڪالمو شروع ڪرڻ جي ضرورت آهي.“ ”اسان کي اختياري وارن وٽان ڪا اُميد ناهي. اسين سمجهون ٽا ته ڪوبه اسان جي حالت جي پرگهور نه لهندو. ڪابه قانون سازي نه ٿيندي ۾ چونڊيل عيوضي اسانجي اهنجن ۾ ضرورتن کي نظرانداز ڪندا رهندا. حڪومتون ايندیون ۾ ويندیون رهندیون پر پورهيتن جا اهنج ساڳيائي رهندا. اختياري وارن کي اسان جو ڪواُلڪو ناهي، هورڳو پنهنجي ڀلائي ۾ پنهنجي مفادن لاءِ ٽا ڪم ڪن.“ هڪ پورهيت قيصر جو خيال هو. گلگت بلتستان ۾ ليار ڦل چونڊيندڙ پورهيت شوڪت جو چوڻ هو ته، ”ها، اسان کي هيءُ ڪم جڏهن چاهيون ڇڏي ڏيون، جي آزادي آهي پر اسين اهو ڪنداسين ڪونه. ڇاڪاڻ جو ڪو نئون ڪم ڪار ڳولهڻ انتهائي ڏکيو آهي.“

- **ڪم ڪار واري ماڳ تي محفوظ ماحول جي اڻهوند:** پڻ پورهيتن کي غيرپيئداواري ماحول فراهم ڪرڻ جو هڪ بنيادي جزو آهي. گهڻي ڀاڱي پورهيتن تصديق ڪئي ته ڪين ڪم ڪار واري ماڳ تي ڪي به تحفظ وارا اُپاءَ حاصل ناهن. گلگت بلدستان ۾ ليار ڦل چونڊيندڙ رضا جو چوڻ هو ته، ”گلگت بلتستان جي خانگي ادارن ۾تحظ وارن اُپائن جو ڪو تصور ئي ناهي. ڪم ڪندڙن کي انهن اُپائن جو ڪو پتو ئي ناهي.“ ”اسين ڀاڱن وارا آهيون جو اسان کي پنهنجي ڪم ڪار دوران ڪنهن حادثي يا تباهيءَ جو

منهن ناهي ڏسٽوپيو. سندس چوڻ هو. تازو ئي 10 اپريل 2019ع تي دره آدم خيل ۾ هڪ کاڻ ۾ ٿيل ڌماڪي جي نتيجي ۾ چار پورهيت اجل جو شڪار ٿيا. کاٽين ۾ ڪي ڌماڪا خود کاٽين وارن جي پنهنجي عمل سبب ٿيا، ڇاڪاڻ جو زمين هيٺ کوٽائي سبب پيدا ٿيندڙ ميٿين گئس هوا سان لاڳاپي ۾ اچڻ جي صورت ۾ انتهائي ڌماڪي خيز مرڪب جو روپ ٽي اختيار ڪري. نتيجي طور، گروپ ۾ موجود هڪ پورهيت شيد زخمي ٿي پيو ۽ ڏيڍ مهيني تائين اسپتال داخل رهيو، جڏهن تہ هڪ ٻيو گذريل هڪ سال کان بستري داخل آهي. ڪجهہ کاٽين وٽ حادثن جي شڪار ٿيلن کي اسپتال پهچائڻ لاءِ پنهنجون ايمبولينسون آهن پر گهڻي ڀاڱي کاٽيون اهڙين سهولتن کان وانجهيل آهن ۽اهڙيءَ سصورت ۾ ريسڪو 1122 ۽ سرڪاري ايمبولينسن کي فوري طور تي حادثي واري ماڳ تي پهچڻو ٿو پوي. ڊيگاري ايم پي ڊي سي ڪوئيٽا ۾ ٿيل ڪوئلي جي کاڻ واري تازي حادثي ۾ ڏهہ پورهيت اجل جو شڪار ٿيا، جڏهن تہ هڪ وڏيڪ ڇهو زخمي ٿيو پر جيئن تہ سمورا متاثر ٿيل فرد افغاني هئا، تنهن ڪري سندن موت جا سرٽيفڪيٽ جاري نہ ڪيا ويا. ان بدران لاش ملندي ئي تڙ تڪڙ ۾ افغانستان منتقل ڪيا ويا. ڪوئلي جي کاڻ جو هڪ پورهيت رحمان ان حادثي جي ٿيڻ بابت ٻڌائي ٿو: ”حادثي جي شڪار ٿيل کاڻ سرڪاري ملڪيت واري آهي، جيڪا هڪ خانگي اداري کي ليز تي ڏنل آهي. ان هوندي بہ حڪومت ان کاڻ جي ڪم ڪار جي نگراني نہ پئي ڪئي، ڇاڪاڻ جو ناهہ جا تفصيل رڳو حڪومت کي ملندڙ في/ مسواڙ جو ڏس پتو ٿا ڏين. اِهو حادثو متروڪ ٿيل بجليءَ جي تارن سبب ٿيو. جيڪي 1959ع ۾ لڳايون ويون هيون، جڏهن تہ کاڻ مان هنگامي بنيادن تي نڪرڻ جو ڪو گس بہ نہ هو. کاڻ گئس سان ڀرجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ حادثو ٿيو.“ اِهو بہ سامهون آيو تہ مالڪ يونين ناهڻ جي اجازت نٿا ڏين، جنهن ڪري پورهيتن جا مامرا سامهون نٿا اچن.

## سفارشون

1. جنوري 2016ع وارو پنجاب آرڊيننس جنهن پيشگي سرشتي کي بحال ڪندي ان جي حد في ڪس پنجاهه هزار روپيا مقرر ڪئي آهي، واپس ورتو وڃي.
2. گهٽ ۾ گهٽ اُجرت، ڪم ڪار جي جاين تي محفوظ ڪم ڪار واري ماحول جي خاطري ۽ جبري ۽ ٻارن جي پورهئي جي پاڙپٽڻ لاءِ، لاڳاپيل قانونن تي عمل درآمد ۽ ڪم ڪار جون حالتون بهتر بڻائڻ واسطي پورهيت چڪاسن کي منظم ڪيو وڃي، ۽ ڪنهن به وڏيڪ تاخير کانسواءِ ليبر انسپيڪٽرن جي گهربل تعداد ۾ ڀرتيءَ کي يقيني بڻايو ويو.
3. پورهيت قانونن جي اثرائتي عمل درآمد لاءِ ضلعي چوڪسي ڪميٽين کي فعال بڻايو وڃي ۽ انهن جي ڪارڪردگي جانچڻ لاءِ ڪنهن قسم جو پڇاڻو عمل ۾ آندو وڃي.
4. ڪم ڪار وارين جاين تي قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهڻ جي هڪ قومي سطح واري مهم شروع ڪئي وڃي ته جيئن سمورن پورهيتن جي ملازم طور رجسٽريشن کي يقيني بڻائي سگهجي. ان ريت سماجي تحفظ وارا ڪارڊ فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي.
5. گهٽ ۾ گهٽ اُجرت کي عملي ۽ جامع ريت لاڳو ڪيو وڃي.
6. ڪمپيوٽرازئڊ قومي سڃاڻپ ڪارڊن کان محروم پورهيتن جي رجسٽريشن لاءِ وهنوار جوڙيو وڃي ۽ ان تي سندن اهڙا ڪارڊ ٺهڻ تائين عمل درآمد ڪيو وڃي.
7. پورهيت ٻارن لاءِ وقت جي پابندي ته جيئن هو پنهنجي تعليم پرائي سگهن، جي خاطري ڪرڻ واسطي جبري پورهئي واري قانون ۾ ترميم ڪئي وڃي.
8. صحت ۽ تحفظ جي گهٽ کان گهٽ معيارن جي خاطري ڪئي وڃي.
9. آباديءَ تي ڪنٽرول لاءِ وڏيڪ تعداد ۾ ٻار ڄڻڻ جي ذميوار والدين خلاف ڪارروائيءَ جي سلسلي ۾ آبادي ڪنٽرول کاتو قانونسازي ڪري.

10. پوليس کي پورهيتن طرفان داخل ٿيندڙ درخواستن تي ڌيان ڏيڻ لاءِ پابند بڻايو وڃي.
11. زرعي بئنڪن طرفان قرض فراهم ڪرڻ واري سهولت هارين لاءِ بہ هئڻ گهرجي، جيڪا هن وقت رڳو زمين جي مالڪن تائين محدود آهي.
12. جبري پورهئي جي شڪار پورهيتن جي ٻارن لاءِ تعليم جا ڪي خاص بندوبست ڪيا وڃن.
13. کاڻين ۾ تحفظ ۽ صحت عهدنامو 1995 جي توثيق ڪرڻ سان گڏوگڏ پاڪستان حڪومت زيرِ زمين ڪوئلي جي کاڻين لاءِ تحفظ ۽ صحت ضابطو 2006 تي عمل ڪري. کاڻين ۾ حادثن جي تفصيلي جانچ لڏي وڃي ۽ ڪنهن غفلت جي مرتڪب ثابت ٿيڻ تي ٺيڪيدارن تي ڳرا ڏنڊ وجهڻ سان گڏوگڏ سندن لائسنس منسوخ ڪيا وڃن. ان کانسواءِ صحت جون سهولتون لازمي طور تي فراهم ڪيون وڃن، جتي پورهيتن جا سلهہ ۽ چمڙيءَ جي بيمارين کان بچاءُ واسطي معمول وارا معائنا ڪيا وڃن.




چنيوٽ ۾ مشاورت

**ضميمو**

## سِرن جي ٻڻن تي ٻارن جي پورهئي جي جهل / ممانعت جو پنجاب ايڪٽ 2016

## (2016 جو ايڪٽ XXXVII)

(2 سيپٽمبر 2016)

پنجاب ۾ سِرن جي ٻڻن تي ٻارن جي پورهئي جي جهل / ممانعت ۽ پورهئي ڪي ضابطي هيٺ آڻڻ واسطي هڪ ايڪٽ.

جيئن تہ سِرن جي ٻڻن تي ماحول ٻارن لاءِ هاڃيڪار هجي ٿو جيڪو سندن واڌ ويجهہ، صحت ۽ تعليم تي اُگرا اثر ٿو وجهي، ان ڪري پنجاب ۾ سِرن جي ٻڻن تي ٻارن جي پورهئي جي جهل ۽ پورهئي ڪي ضابطي هيٺ آڻڻ ۽ ٻين معاملن ڪي نبيرڻ ضروري آهي.

پنجاب جي صوبائي اسيمبليءَ طرفان هيٺين ريت جاري / لاڳو ڪجي ٿو:

(1) مختصر عنوان، دائرو ۽ منڍ – (1) هن ايڪٽ ڪي سرن جي ٻڻن تي ٻارن جي پورهئي جي جهل جو پنجاب ايڪٽ 2016 سڏي سگهجي ٿو.

(2) اِهو سڄي پنجاب تي لاڳو ٿيندو.

(3) اِهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2 – اُپٽارون / وصفون – هن ايڪٽ ۾

(a) "پيشگيءَ" مان مراد سرن جي ٻڻن تي ڪم ڪندڙ ڪنهن پورهيت ڪي ان جو انتظام هلائيندڙ طرفان پورهيت جي ڪمايل معاوضي / اُجرت ڪانسواءِ روڪ ۾ ڏنل ڪا اڳواٽ رقم.

(b) "اپيلون / درخواستون ٻُڌندڙ اختياريءَ" مان هن ايڪٽ تحت مقرر ڪيل ڪا اپيل / درخواست ٻُڌندڙ اختياري.

(c) "جبري پورهئي جو شڪار پورهيت" مان مراد جبري پورهئي سرشتي (خاتمو) ايڪٽ، 1992.

( 1992 جو III) جي سيڪشن 2 تحت وضاحت ڪيل طور ڪو جبري پورهئي وارو قرض حاصل ڪيل يا ان جو قياس ڪيل ڪو پورهيت.

(d) ”سرن جو بڻو“ مان مراد ڪو اهڙو بڻو جتي ڳوهڻ، قالب گيري، ٺهڻ، پچائڻ، آجو ڪرڻ، ڍڳ ڪرڻ ۽ ڪم ڪار واري جاءِ جي تعلق ڪان مبرا، تاهڻ واري عمل سان لاڳاپيل ڪنهن بئي ڪم سميت سرون پچايون وينديون هجن.

(e) ”ٻار“ مان مراد ڪو اهڙو فرد جنهن جي ڄمار جا چوڏهن ورهيہ اڃا مڪمل نہ ٿيا هجن.

(f) ”ڪميٽيءَ“ مان مراد ايڪٽ تحت جوڙيل ضلعي پورهيو ڪميٽي.

(g) ”حڪومت“ مان مراد پنجاب حڪومت

(h) ”انسپيڪٽر“ مان مراد ايڪٽ جي مقصدن واسطي حڪومت طرفان انسپيڪٽر طور مقرر ڪيل ڪو فرد

(i) ”قابض/ انتظام هلائيندڙ“ مان مراد ڪنهن سرن جي بڻي جو مالڪ ۽ ان ۾ سندس وارث، جانشين، منتظم، ايجنٽ يا مقرر ڪيل ۽ مينيجر شامل آهن.

(j) ”ڇاٽايل / طئي ڪيل“ مان مراد ضابطن ذريعي ڇاٽايل / طئي ڪيل

(k) ”ضابطا“ مان مراد ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا

(l) ”اُجرت“ مان مراد گهٽ ۾ گهٽ اُجرت آرڊيننس، 1961 (1961 جو XXXIX) تحت نوٽيفاءِ ڪيل اُجرت جا اگهہ ۽

(m) ”پورهيت“ مان مراد ڪنهن سرن جي بڻي تي يا ڪنهن بئي نوعيت / قسم جي ڪم ۾ رڌل جيڪو حادثاتي طور تي يا سرن جي تياريءَ سان لاڳاپيل عمل سان ڳنڍيل، اُجرت تي يا ان ڪانسواءِ بڻي جو انتظام هلائيندڙ طرفان سڌو سنئون يا اڻ سنڌي ريت ملازم رکيل يا مصروف ڪيل ڪو فرد.

3۔ ڪم تي لڳڻ جو معاهدو – (1) ڪنهن پورهيت جي هر مقرري يا تعيناتي پورهيت ۽ انتظام هلائيندڙ وچ ۾ طئي ٿيل فارم ۾ لکت واري معاهدي سان مشروط هوندي، جنهن ۾ سندس ملازمت يا تعيناتيءَ جا هيٺيان شرط شروط ڏيکاريل هوندا:

(a) پيشگيءَ جي رقم، جيڪڏهن ڪا آهي ته

(b) اُجرت جي رقم، ۽

(c) پيشگي موٽائڻ جو گوشوارو / معياد

(2) انتظام هلائيندڙ علائقي ۾ حدبندي رڪندڙ انسپيڪٽر کي ذيلي سيڪشن (1) تحت ڪيل معاهدي جو نقل اُماڻيندو.

(3) انتظام هلائيندڙ هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي سٺ ڏينهن اندر، ايڪٽ لاڳو ٿيڻ کان هڪدم اڳ سرن جي بٺي تي ڪم ۾ رڌل هرهڪ پورهيت سان ذيلي سيڪشن (1) تحت مقرري / تعيناتي واري معاهدي جي لاڳو ٿيڻ جو انتظام ڪندو.

(4) جيڪڏهن ڪو پورهيت ذيلي سيڪشن (1) جي پيچڪڙيءَ ۾ ڪم ڪار تي رڌل هوندو ته ڪيس جبري پورهئي جو شڪار پورهيت ليکيو ويندو ۽ انتظام هلائيندڙ جبري پورهئي (خاتمو) جي ايڪٽ، 1992 (1992 جو III) جي شقن تحت قانوني طور تي ذميوار / جوابدار بڻبو.

(5) ذيلي سيڪشن (1) تحت ڪيل مقرري / تعيناتي وارو معاهدو پورهيت يا انتظام هلائيندڙ طرفان سٺ ڏينهن اڳواٽ لکت واري نوٽس ذريعي ختم ڪري سگهجي ٿو.

4 – پيشگيءَ جي حد – (1) ڪنهن ٻئي قانون جي شقن جي باوجود، انتظام هلائيندڙ ڪنهن سرن جي بٺي تي سندس طرفان ڪم ڪار تي لڳايل ڪنهن پورهيت کي پيشگي ڏئي سگهي ٿو.

(2) ذيلي سيڪشن (1) تحت ڏنل پيشگيءَ جي رقم پنجاهه هزار روپين کان وڌيڪ نہ هوندي.
(3) ذيلي سيڪشن ()1) تحت ڪنهن پورهيت کي ڏنل پيشگيءَ جي رقم ۽ ان جي واپسيءَ جو معمول طئي ٿيل رجسٽر ۾ درج ڪيا ويندا ۽ ان جو هڪ نقل ايراضيءَ جي انسپيڪٽر کي تصديق / توثيق لاءِ پيش ڪيو ويندو.
(4) ڪنهن بہ ڌر طرفان تعيناتي / ڪم ڪار جو معاهدو ختم ڪرڻ /منسوخ ڪرڻ جي صورت ۾، انتظام هلائيندڙ قانون سان ٺهڪاءُ ۾ پنهنجي رهيل پيشگي رقم وصول ڪري سگهي ٿو
5 – روزگار / ملازمت جي جهل – ڪنهن ٻئي قانون جي شقن / وهنوارن جي باوجود، انتظام هلائيندڙ سرن جي بٺي تي ڪنهن ٻار کي ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ نہ ملازم رکندو، نہ لڳائيندو يا اجازت ڏيندو.
6 – ملازمت طور ليکڻ – (1) جيڪڏهن پنجن سالن کان وڏي ڄمار وارو ڪو ٻار اسڪول جي وقت دوران سرن جي بٺي تي مليو تہ ڪيس، ان جي ابتڙ ثابت ٿيڻ تائين، سرن جي بٺي تي ملازم رکيل، ڪم سان لڳايل يا ڪم ڪار جي اجازت ڏنل ليکيو ويندو.
(2) جيڪڏنهن سرن جي ڪنهن بٺي تي ڪنهن فرد جيڪو ملازمت تي رکيل هجي، ڪم ڪار جي اجازت يافتا هجي يا اُتي موجود هجي، جي ڄمار جو ڪو سوال ٿو پئدا ٿئي تہ ڪيس ڪمپيوٽرازئڊ سجاٽپ ڪارڊ يا نادرا جي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (فارم ب) يا ڪنهن اهل اختياريءَ طرفان جاري ڪيل پئدائش جي سرٽيفڪيٽ ذريعي ان جي اُبتڙ ثابت نہ ڪرڻ تائين ٻار ئي ليکيو ويندو.
(3) اِهو ثابت ڪرڻ جو بار گڏيل طور تي انتظام هلائيندڙ ۽ والدين يا سنڀاليندڙ تي هوندو تہ سرن جي بٺي تي ڪم ڪندڙ فرد ٻار ناهي.

7 – جوابدهي / ذميواري – جيڪڏهن ڪنهن ٻار کي هن ايڪٽ جي اُبتڙ ڪنهن سرن جي ڀٽي تي ملازم ٿو رکيو وڃي، مقرر ٿو ڪجي ۽ ڪم ڪرڻ جي اجازت ٿي ڏجي تہ انتظام هلائيندڙ ۽ ٻار جا والدين يا سنڀاليندڙ اهڙي ڀڃڪڙيءَ لاءِ ذميوار هوندا.

8۔ سرن جو ڀٽو سيل ڪرڻ – جيڪڏهن ڪنهن انسپيڪٽر کي اهو لڳي تہ هن ايڪٽ جي سيڪشن 5 ۽ 6 جي ڀڃڪڙي ڪندي ڪو ٻار سرن جي ڀٽي تي ڪم ۾ مصروف آهي يا اُتي موجود آهي، يا انتظام هلائيندڙ سيڪشن 18 تحت ڪنهن هدايت جي پيروي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿو رهي تہ انسپيڪٽر طئي ٿيل انداز ۾، سرن جو ڀٽو سيل / سربمهر ڪري سگهي ٿو، جنهن جو مُدو ستن ڏينهن کان وڌيڪ نہ هوندو.

9 – ڪميٽيون – (1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هر ضلعي ۾ ضلعي پورهيو ڪميٽي سڏجندڙ هڪ ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي، جيڪا هن ايڪٽ جي ڪارائتي عمل درآمد لاءِ هوندي.

(2) ڪميٽي ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ واسطي انسپيڪٽرن، انتظام هلائيندڙن ۽ پورهيتن کي ضروري ليکجندڙ هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي.

10۔ اپيلون / درخواستون ٻڌندڙ اختياري – (1) حڪومت هن سيڪشن جي ذيلي سيڪشن (2) تحت ترجيح ڏنل اپيلون ٻُڌڻ ۽ فيصلو ڪرڻ واسطي هر ضلعي ۾ هڪ اپيلون / درخواستون ٻُڌندڙ اختياري مقرر ڪندي.

(2) انتظام هلائيندڙ، جيڪو سر بمهر ڪرڻ واري ڪنهن حڪم سبب اهنجهيل هجي، سرن جي ڀٽي جي سر بمهر ٿيڻ جي ٽن ڏينهن اندر ان خلاف اپيلون / درخواستون ٻُڌندڙ اختياريءَ آڏو اپيل داخل ڪري سگهي ٿو.

(3) اپيلون / درخواستون ٻُڌندڙ اختياري هن ايڪٽ جي سيڪشن 8 تحت ڪيل ڪو حڪم تصديق، ڦير گهير يا واپس ڪري سگهي ٿي.

11_ انسپيڪٽر – حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي انسپيڪٽر مقرر / تعينات ڪري سگهي ٿي يا ڪنهن مقامي علائقي لاءِ ڪنهن فرد کي انسپيڪٽر جا اختيار سونپي سگهي ٿي.

<u>12 – انسپيڪٽر جا اختيار:</u> ڪو انسپيڪٽر، پنهنجي تقرري / تعيناتي واري مقامي حدن ۾ هيٺيان ڪجهه ڪري سگهي ٿو:

(a) هو سرن جو ٻنڌو ليکيل ڪنهن جاءِ تي، مناسب ليڪجنڊڙ رياست يا ڪنهن ميونسپل يا ڪنهن ٻئي سرڪاري اختياريءَ جي خدمت / ملازمت ۾ فردن جي همڪاريءَ ۾ داخل ٿي سگهي ٿو.

(b) هو هن ايڪٽ جي مقصدن جي پورائي لاءِ سندس نظر ۾ ضروري ليڪجنڊڙ ٿڏي جي ثابتين لاءِ سرن جي ٻني ۾ ڪنهن ٻـ طئي ٿيل رجسٽر ۾ فارمن جي چڪاس ڪري سگهي ٿو.

(c) هن ايڪٽ تحت ڪنهن قابلِ دسترسِ ڪورٽ ڏوهه تي قدم کڻڻ لاءِ علائقي جي پوليس ٿاڻي جي انچارج عملدار کي شڪايت ڪري سگهي ٿو.

(d) ايڪٽ جي مقصدن جي پورائي لاءِ ضروري ليڪجنڊڙ ٻيا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو.

13_ **سزا** –(1) ڪو انتظام هلائيندڙ جيڪو هن ايڪٽ جي سيڪشن 3، 4 يا 5 جي ڪنهن وهنوار جي پيچڪڙي ڪندو، سو گهٽ ۾ گهٽ ستن ڏينهن ۽ وڌ کان وڌ ڇهن مهينن جي سادي ٽيپ ۽ پنجاهه هزار روپين کان پنج لک روپين جي ڏنڊ جي سزا جو مستوجب هوندو.

(2) ڪو والدين يا سنڀاليندڙ جيڪو ڪنهن ٻار کي سرن جي ٻني تي ڪم ڪرڻ جي اجازت ٿو ڏئي، سو سيڪشن 5 جي پيچڪڙيءَ جي حد تائين انتظام هلائيندڙ سان گڏ ذيلي سيڪشن (1) تحت ڏوهه لاءِ گڏيل طور تي ۽

هڪجهڙيءَ ريت سزا لائق هوندو.
14 – ڏوهن جو ڪيس هلائڻ – ڪو فرسٽ ڪلاس ميجسٽريٽ هن ايڪٽ تحت ٿيل ڪنهن ڏوهہ جو ڪيس ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 ( 1898 جو V) جي باب XXII جي وهنوارن سان ٺهڪاءُ ۾ اُڪلائيندو.
15 – ڏوهن تي عدالتي اختيار – پوليس هن ايڪٽ تحت هر ڏوهہ انسپيڪٽر طرفان لکت ۾ شڪايت ڪرڻ تي ڪارروائيءَ لاءِ ڪورٽ اُماٽيندي.
16۔ ٻين قانونن جو اطلاق – هن ايڪٽ جون شقون ڪنهن ٻئي قانون جي شقن / وهنوارن جي اضافي ۾ آهن، نہ ڪي تخفيف لاءِ.
17 – ضابطا تيار ڪرڻ جو اختيار – حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ۽ اڳوٽي اشاعت جي شرطن سان مشروط، هن ايڪٽ جي شقن / وهنوارن کي اثرائتي ريت لاڳو ڪرڻ واسطي ضابطا جوڙي سگهي ٿي.
18۔ هدايتون جاري ڪرڻ جو اختيار – حڪومت وقت بوقت انتظام هلائيندڙ کي اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪي هن ايڪٽ جي شقن / وهنوارن جي اثرائتي اطلاق لاءِ ضروري هجن.
19 – ڏکيائيون هٽائڻ جو اختيار – هن ايڪٽ جي شقن / وهنوارن جي اطلاق ۾ ڪا ڏکيائي سامهون اچڻ تي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪيل حڪم ذريعي، ايڪٽ جي شقن سان ٺهڪاءُ ۾ نہ ايندڙ اهڙيون شقون ڏکيائيءَ جي خاتمي لاءِ مهلائتويا ضروري ٻڌائي سگهي ٿي.